وتايو فقير

وتائي فقير جا مزيدائر چرچا

الهہ وڏايو
عرف
وتايو فقير

مرتب : حافظ بدرالدين

ڇپائيندڙ جا حق واسطا قائم۔

قيمت : 4.00

پروپرائيٽر: توفيق احمد ولد نور احمد (مرحوم)
اداره : مولوي محمد عظيم
ڪتب خانہ شاهي بازار
شڪارپور سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• شعر چيل وتو فقير •

١. صدقي ٿيان محبوب توتسان
مونسان ناتو نينهن اڙايو ٿي
دڳ گمراهي وارو ڇڏائي
رستو صاف ونايو ٿي
٢. چڱي هئي ڪا قسمت منهنجي
حاصل ٿي آ صحبت تنهن جي
وٺي نہ ٿي ڪا رغبت ڪنهن جي
جا ڪون جام پلايو ٿي
٣. حق جنو مليو پيغام اندر کي
ياد نہ آرام اندر کي
ڏوٺي ويو اسلام اندر کي
ڪوڙو ڪفر ڇڏايو ٿي
٤.آهين باغ حقاني گل
ماٿڪ موتي خاص امل
دم دم مست وتي سان مل
مولکي توٺي مست بتايو ٿي

هن شعر مان اٿين ٿو پاڻنجي تہ ڪيس حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي زيارت نصيب ٿي تنهنڪري پنهنجو هندو ڌرم ڇڏي مسلمان ٿيو ۽ مجازي عشق مان حقيقي عشق کي پهتو ۽ فيض کان ڀرپور ٿي ويو ۽ سندس رڳ رڳ ۾ الاهي نور داخل ٿي ويو مگر مست سالڪ نہ هو ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مست مجذوب ٿيو ۽ مجذوبن جي وات مان جيڪو ٻول ٻاهر نڪرندو آهي سو درگاهه ڌڻي سڳوري جي قبول پوندو آهي ڇو ته مجذوب نه کائڻ سان مزو وٺن ٿا نه وري عمدا لباس ڍڪي نفس کي خوش رکن ٿا وتو فقير به نهايت سادي طبيعت رکندڙ ۽ سادو خوراڪ پوشاڪ ڍڪيندڙ هو مگر سندس ٻول نصيحت جا نقطا آهن. پوري تن کي پروڙ پوندي جيڪي سياڻا ۽ پڙهيل پختا آهن باقي جيڪي ماڻهو نقل ٻڌي ٽهه ٽهه ڪري کلي پاڻ کي پيٽ ڀر سور وجهن ٿا سي پوري مطلب کي شايد نه پهچن ته جيئن هڪ ولي الله پنهنجي مجلسن اندر چيو ته مان کاوان ٿو جيئڻ لاءِ ۽ ٻيا جيئن ٿا کائڻ لاءِ انهيءَ جو مطلب ايهو فرق ٿو ڏيکاري ته ولي خدا جو رڳو کاڌو ايتريقدر ٿورو کائيندو آهي جنهن کاڌي جي طاقت سان رات يا ڏينهن عبادت الاهي ڪري سگهي باقي ٻين جو جيئڻ رڳو کائڻ لاءِ آهي انهيءَ ڪري رڳو کاءُ ٻاءُ جو خيال اٿن اهڙا ماڻهو جي پيٽ کاڌي کان ڀرپور ڪندا ته باقي نور خدائي ڪٿي اندر ماپي يا رهي سگهي تنهنڪري خيال هلائي انهيءَ مطلب تي پهچڻ جي ڪوشش ڪريو جنهن مطلب تي وتي فقير ڳالهايو آهي. سندس ڳالهائڻ مان رڳو کلڻ جي معني ڪڍن ٿا باقي صحي سمجهاڻيءَ لاءِ به ضروري آهي ته پورو مطلب ڪڍڻ نه رڳو ايڏو کلڻ جنهن مان ڌڻي ناراض ٿئي.

کل ڀلي تون کل
پر کلي کلندين ڪيترو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نقلُ (۱)

"ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڏينهن وتايو فقير کي هڪ پوليس واري ٿاڻي مانِ سڏ ڪيو ۽ چيو ته فقير هي صندوق کڻائي هل وتايو فقير تورو مٿي کڻي ڏٺائين ته بلڪل باريڪ نظر آيس سو کيس چوڻ لڳو ته مون کان ته وڏيڪ ڏڻڊو ۽ مٿارو آهين ته ٻه پاڻ نٿو کڻي سگهين تڏهن پوليس واري کيس چيو ته پيو ماڻهو ٻه هجي ته ٻه اسان سرڪاري ماڻهون پاڻ سامان مٿي تي کڻون وتائي فقير چيو ته توهان جو بار پيا کڻن ۽ اوهان هن دنيا ۾ پيل آزاد رهو باقي اڳيان آخرت ۾ سڀ پتو پوندو. سچ چيو اٿن ته سونارو ماءُ جي نٽ مان ٻه نه مڙيو ته سپاهي پنهنجي پيءُ کان نه مڙيو ايهو ڪاتو برابر اهڙو آهي.

نقل (۲)

هڪ ڏينهن وتايو فقير کي سندس ماءُ سڏي چيو ته ٻچا گهر ۾ ڪاڏي لاءِ ته خير آهي سو ڏٺي سڳوري کان ڪي آٽي ڏي فقير ٻڌڻ سان سڌو مسجد اندر آيو ۽ اچي مسجد ڏسي نيٺ مٿي ممبر تي چڙهيو ۽ اکيون مٿي ڪري چوڻ لڳو ته اي مولا سائين تون ته پاڪ آهين ڪائڻ جي ته اسان کي بک ڏني اٿئي سو جيئن تنهنجو گهر مسجد ويران لڳو پيو آهي تئين اسان جو گهر صفا سچ نه ڪرائين بک سان نه ماريا پنهنجو نالو رزاق نه ڏار هڪ ته آسرو هجي ائين چوڻ سان ڏٺيءَ سندس عرض قبول ڪيو ۽ هڪ شخص ڪوڻ ان جي ٻاهران آٽي فقير کي چيو ته فقير صاحب هي قبول پوي ڏٺيءَ جي نالي

تي فقير انهيءَ ڪان ان ورتو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو اچي ماءُ کي سڏي ڏنائين.

نقل (٣)

ڳالهه ڪندا آهن ته وتايو فقير جي پاڙي ۾ هڪ رات چوري ٿي صبح جو چورن جا پير ڏسڻ لاءِ ماڻهو اچي گڏ ٿيا فقير گهڻا ماڻهو ڏسي انهن وٽ ويو ۽ پڇڻ لڳو ته هيءَ ايتري خلق ڇا لاءِ هتي آئي آهي. ماڻهن چيو ته رات چور چوري ڪري ويا آهن. سو فقير چيو ته چوري هت رکي آهي سو سڀ اچي گڏ ٿيا آهيو منهنجي پٺيان اچو ته اوهانکي چور ۽ چوري لهي ڏيان سو سيني کي مقام جي ٻاهران ٻيهاري پاڻ اندر آيو ۽ چوڻ لڳو ته ته چورن جو مون اڳ ورتو آهي هاڻي پلي پڇن قدرت خدا جي چور ٻه ڀوڙن ۾ لڪل هئا سو ايهي وتائي فقير جا لفظ ٻڌي پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته هي چوري موٽائي ڏيون وتائي فقير کي اسانجي هت اچڻ ۽ ڇپڻ پوڻ جي خبر پئجي وئي آهي سو ڪيس سڏي چيائون ته فقير هي چوري اسان ڪئي هئي سا سموري سنياري وٺ فقير وتائي ورتي ۽ ٻاهران ٻيٺلن کي سڏي چيائين ته چور لڌا ۽ چوري ٻه ملي ايهو ٻڌي سيئي پڻ ڪليا وتائي فقير چيو ته چورن جو پير اٿين ڪٿبو آهي ۽ اڳ ونبو آهي.

نقل (٤)

ڳالهه ڪندا آهن ته اونهاري جي موسم هئي ۽ برسات گهڻي پوڻ ڪري درياءُ ڏاڍي موج ۾ اچي ويو ۽ ٻوڏ ٿيڻ لڳي. ۽ خطرو پلڪل وڌي ويو ۽ غريبن جا ڇپ سڪي ويا حيران

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريشان ٿيڻ لڳا ۽ ڏاڍهون ڪرڻ لڳا سيڪو پنهنجي ٽپڙن ڍوڻڻ ۾ مشغول ٿيو فقير وتايو ٻيو ڇا ڪٿي نيٺ خيال هلائي ۽ سيني کي جوڻ لڳو سندا اڳ يا پوءِ لڏي هلندين لوءِ پرَ ٽپڙ اوهي ڍوءِ جيڪي اچڻ ڪم اچيان.

بيت

اسان کي سڄائي ڇڏائي ڇڏيو.
آسودن کي درياه لڏائي ڇڏيو

نقل (٥)

هڪڙي ڏينهن فقير وتائي ڪنهن دوست وٽ اچي رات رهيو ۽ پاڻ ۾ زماني جون اچي ڳالهيون ڪديائون فقير کي سندس دوست چوڻ لڳو ته ڪڏهن حياتيءَ پنهنجي ۾ عشق به ڪنهن عورت مٿان تون ڪيو آهي وتائي فقير چيو ته نينڍپڻ ۾ عشق مجازي ڪياسي پوءِ حقيقي عشق ۾ ٽپي پار پياسي هاڻي لڳو عشق حقاني ويو مجازي مونکان وسري وتائي فقير چيو ته تون پنهنجي عشق جي پوري ڳالهه ٻڌاءِ سندس دوست چيو ته اول مرد عورت مٿان عاشق ٿيندو آهي، ۽ انهيءَ کي اکين جا اشارا ڏيندو آهي پوءِ اک اک سان اڙجي ويندي آهي. دل قرب ۾ ڦرجي ويندي آهي محبت جي ماڙي اڏئي قرب جو ڪوٽ ٺهائي عاشق معشوق اڪيلا رهندا آهن آخر وتايو فقير دوست کان موڪلائي ويو هليو فقير کي رستي ۾ هڪ نهايت سوهڻي من موهڻي عورت نظر آئي سو پير ۾ ٻيهي ڪائونس پڇڻ لڳو ته مائي ڪا عاشق جي حقيقت توکي معلوم آهي ته مون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سمجهاءِ، جو تہ ضرور ڪنهن سان تو بہ عشق ڪيو هوندو.

فقير چيو: تڪي تير آهي نظر عشق جي
عورت چيو: ڇرين ڪي آ کهڙي خبر عشق جي

نقل (٦)

هڪ ڏينهن وتايو فقير ٻاهران سفر تان پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ٿي آيو تہ رستي ۾ ڪيس هڪ ميت نظر آيو جو ڪٽ تي کڻي ۽ قبرستان ڏانهن وٺي رهيا هوا جڏهن ويجها آيا تڏهن فقير پڇڻ لڳو تہ مرد آهي يا عورت تڏهن جنازي کڻندڙن چيو تہ عورت وري پڇيائين تہ جوان هئي يا پوڙهي هئي چيو تہ جوان هئي وري پڇيائين تہ پرڻيل يا اڻ پرڻيل انهن چيو اڻ پرڻيل چيائين تہ بيوقوف تہ کهڙا نہ آهيو جو مفت وهاري ۽ عمر گذاري ۽ خدائي ڏوهہ پنهنجي سر تي کڻي آخر انهيءَ ڪي اڄ مٿل سهايو ٿا مگر ڏيڻ نہ سهايو توهان ڪي نفس آهي انهيءَ غريب ڪي شايد نہ هو.

نقل (٧)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ جنهن ڳوٺ ۾ فقير وتايو رهندڙ هو تنهن ڳوٺ کي پاڻيءَ جي ٻوڏ اچڻ سببان هڪ بچاءُ بند ڏنل هو سو پاڻي اچي بند مٿان زور رکيو لاچار زميندارن پنهنجي ڪمدار کي حڪم ڏنو تہ شهر جا سڀ ماڻهو وٺي بند تي جلد ڇيڙ آڻ بند تي ڏاڍو زور آهي ڪمدار ڳوٺ جو خاص گهٽ هٿ ڪري انهيءَ خيال سان ويهي رهيو تہ هاڻي هتان جيڪو بہ

ايندو تہ ھتيڪو تيندو تڏھن بند جو ڪر لھي ويندو سو جيڪو بہ تي آيو تہ ڪمدار بند ڏانھن تي پھچايو اوچتو وتايو فقير ھڪ ٻيو ماڻھو اچي اتان لنگھيا تڏھن ڪمدار ھڪل ڪري چيس تہ اي ويندڙ ڪاڏي ٿا وڃو ۽ ڪنھن جا ماڻھو آھيو تڏھن ھڪ چيو تہ مون رئيس جو ماڻھو آھيان ۽ سندس گھوڙو ڪاھڻ تو وڃان سنو انھيءَ کي ڪمدار ڇڏيو باقي وتائي فقير کي چيائين تہ تون ڪنھنجو ماڻھون آھين ۽ ڪيڏانھن ٿو وڃين وتائي فقير چيو تہ مون خدا جو آھيان بند ڏسڻ پيو وڃان ڪمدار چيس تہ تون خدا جو ماڻھون آھين باقي ٻيا سڀ چورن جا آھن سو ھل ھلي بند تي ڪم ڪر لاچار فقير وتايو ويو ماڻھن گھڻن ھجڻ ڪري بند ٻجھي ويو وتائي فقير منھن آسمان ڏي ڪري چيو تہ رئيس جو ڪم ڪان ٻچي ويو تنھن جو ماڻھو تڪليف ۾ اچي ويو ھاڻي رئيس زور يا تون زور.

نقل (۸)

ڳالھہ آھي تہ ھڪ مائي ميٺ گھڻو ڪائيندي ھئي سو وتائي فقير کي اچي چيائين تہ درگاھہ ڏٺي سگوري ۾ دعا جا ھٿ مٿي ڪر تہ ايھا ميٺ ڪائڻ جي عادت ڇڏيان فقير چيو تہ جمعي ڏينھن صبوح جو سوير اچ مائي وبچاري بہ ڏينھن گذاري تيون ڏينھن جمعو تيو ۽ سوير آئي وتائي فقير ٻئي ھٿ درگاھہ ڏٺي پاڪ ۾ مٿي ڪنيا ڏٺيءَ دعا قبول فرمائي ۽ انھيءَ مائيءَ کان عادت ڇڏي ويئي ھڪ ڏينھن مائيءَ کي اچي دل ۾ ايھو خيال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳيو تہ فقير بہ ڏينهن ڇڏي ٽئين ڏينهن اچ ائين چو ڇيو آخر فقير وتائي وٽ آئي ۽ سبب پڇڻ لڳي مائيءَ کي وتايو فقير کيس حقيقت سمجهائي تہ پهريان مون پنهنجي عادت مٽائي جو ڪنهن وقت پاڻ بہ ميٽ ڪائيندو هوس سو پهريان پاڻ کي بيزار ڪيم ۽ الله سائين اڳيان اقرار ڪيم تہ آئينده وري نہ ڪائيندس تڏهن دعا قبول پئي ڏٺي بہ شرطن سان دعا ڏيندو آهي جڏهن سچي توبه ڪرڻ ڏسندو آهي.

نقل (٩)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ڏينهن وتائي فقير جي پاڙي ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو ۽ ساري پاڙي ۾ ڏاڍو غوغاءُ شروع ٿيو هر هڪ جي زبان مان ڏاڍو چڱو هو ايهي الفاظ اچڻ لڳا ۽ پاڙي وارا سخت ارمان ڪرڻ لڳا آخر فقير وتايو بہ رنو ماڻهن چيس فقير تنهنجو ويجهو عزيز تہ نہ آهي سو تون چو ٿو ڏک ڪرين چيائين اڪين وارا سڃاڻندا ۽ ڄاڻيندا آهن باقي اندن کي ڪهڙي خبر هيءُ غريب هو جنهن پنهنجي ساري عمر ۾ پنهنجي هٿن سان نہ زبان سان ڪنهن کي نہ ايذايو هو ۽ ڏک پهچايو هو سو جيڪو ڏٺيءَ وٽ پسند آهي سو اسان کي بہ وڻيل آهي باقي ڪڏهن لاءِ ڪير روئيندو.

نقل (١٠)

هڪ ڏينهن فقير وتايو هڪ ڳوٺ وٽان اچي لنگهيو هتان ڪڏ هئي ۽ وهنجڻ لاءِ ڪهٽيون زالون پري کان ڏسڻ ۾ آيس ۽ کي ٻاهر ڪپڙا پائڻ لاءِ آيون اوچتو وتائي فقير کي ڏسي ٻاهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيٺل وري ٻاٽيءَ ۾ اندر وڃي ويٺيون فقير وتائي چيو ته ڏسڻ پسند نه آيو ته ٻڌڻ سهايو مڙسن کان سواءِ ڏسو ته گهٽا ڏينهن ايها اوهان جي آڏو وڏائي هلندي.

نقل (۱۱)

ڳالهه ڪندا آهن ته وتايو فقير سيون ٻي ڪاڏي کان وڌيڪ پسند ڪندو هو سو رمضان مهينو اچي ويو ۽ ماڻهن سيون ڪرڻ شروع ڪيون سو پنهنجي ماءُ کي سڏي چيائين ته امان منهنجو خيال آهي ته رات ڇويهين تاريخ جو روزو موڻ ٻه رکان جيئن سياڻي سيون ستاويهين جيڪي مسجد ۾ ايندي يون سي ٻه ڪاوان ۽ اهو چرچو به ڏسان ته ڪيئن روزانٺ سين متان اونداءُ ٿا ٿين ۽ سيون ٿا سٽن ماڻس چيس ته ابا پنهنجي ماني به کٽي وڃ ائين نه ڇون فقير وتايو به سيون ڪائڻ آيو آهي سو ماڻس ماني پچائڻ ويٺي اٽو اچا هٿ ۾ کنيائين ته بانگ جو آواز آيو وتائي فقير جي ماءُ دل ۾ نيت ڪئي ته بانگ پوري ٿئي ته پوءِ ڇاڻي کڻان ۽ ٺپ ٺپ ڪريان ته ايتري ۾ ٻي بانگ شروع ٿي وتائي ڪاوڙ مان ماءُ کي چيو ته تون مون کي ماني پچائي ڏي ته سيون ڪائي نه وڃن ڇو ته سيني مسجدن جي بانگن ٻاڻ ۾ ٻڌي ڪئي آهي سو تنهنجي ڳالهه هلي نه سگهندي آخر وتايو فقير خالي هليو ويو ۽ وڃي جماعت سان روزو ڪوليائين سيون به خوب کاڌائين.

نقل (۱۲)

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڳوٺ ۾ وتايو فقير گهمندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سير ڪندو وچي بازار ۾ پهتو جتي هڪ هندو حلوائي ويٺو ڏٺائين دڪان ۾ حلوا ماوا پيڙا برفي ٻيا ڪيترا نمونا رکيل هوا وتائي فقير اڳي اهڙا نه ڏٺا هوا ڏسڻ سان وائڙو ٿي ويو ۽ کائڻ جو خيال ڪرڻ لڳو مگر سندس کيسو خالي هو دل ۾ گهڻا خيال ۽ تجويزون ڪيائين مگر سڀ بيڪار ڏٺائين لاچار حلوائيءَ جي پرسان اچي ڏسي ته اکيون بند نظر آيس دوڪاندار کي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو هو سو آهستي لڪڻ سان پڪيءَ طرح جاچ ڪرڻ ۾ ڏسڻ لڳو ته دڪاندار کي ننڊ آهي يا سجاڳ آهي مگر حلوائي جهٽ پٽ اکيون کوليون وتائي فقير چيس ڪهڙو نه ڪمبخت آهين جو اهڙا مال تول نٿو کائين چيائين ته جيڪڏهن وات ويٺو چوريان منهن منهنجو اچو ٿي پوي وتائي فقير چيس ته پوءِ توکي نقصان نه ٿيندو پل منهن تنهنجو اڇو هجي ته چڱو هاڻي ڪهڙو نه ڪارو ڪنو ڏسڻ ۾ ٿو اچين انڌا ايجا ايجي ۾ ناراض ٿو رهين هڪ حلوي کائڻ سان متارو ٿيندين پيو منهن ڪاري مان اڇو ٿيندءِ دڪاندار چيو ته گهر پينگ پڏاءِ ته ڪنهنجو ٿيندو وتائي فقير چيس ته پلا مون ٿو کاوان پل منهنجو گهر پينگ ٿئي دوڪاندار چيو ته فقير مفت جا مال ٻيا تاڙيو.

نقل (١٣)

هڪ ڏينهن وتائي فقير پنهنجي ڏڪي لاءِ نوڙي وٽڻ شروع ڪئي سو جيڪو به ٿي آيو ته ائين ٿي چيائون فقير چا ٿا ڪريو پهريون ٻن ٽن کي فقير جواب ۾ چيو ته ڏڪيءَ کي

رهيو ڪونهي تنهن لاءِ نوڙي ٽو ونيان تہ رسو ٿاهيان جڏهن سيني کي جواب ڏيڻ کان پوءِ بيزار ٿيو تڏهن چيائين تہ انڌا آهيو ڇا يا رات انڌاري آهي جو اوهان کي اونڌهہ ۾ خبر ڪو تہ ٿي پوي تہ نوڙي ٿو ٿاهيان ڪيترن اڄي پڇا ڪئي آهي مگر سڀ انڌا اسان ڇريا آهيون تہ بہ چڱي طرح تا ڄاڻون سڃاڻون.

ڇريا ٿي پياسي ـ انڌا ڪو نہ ٿيا سي

نقل (۱۴)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ سال برسات تمام سخت پئي سو وتائي فقير جو ڪکن جو گهر اڏايل هو سو ڪري پيو پاڻ ماڻ سوڙو ٻاهر ستل هو جاءِ جو جنهن وقت ڦهڪو ڏنو تڏهن ماڻس چيس تہ اسان بچي ۽ ڊڄي تہ ٻاهر رهياسي باقي دلاءِ پٽ جو ڪنو تہ اندر پيجي پيا هوندا سو ماڻ کي چيائين تہ صبح سان توکي ثابت ملندا صبح ٿيو تہ وتايو فقير سڌو مسجد ۾ آيو ملان کي اچي چيائين تہ بہ دلاءِ ڪنو ڪٺندين ملان چيو تہ هي خدا جي گهر مان پڇو ٿو ڪٺي وتائي فقير چيس تہ جنهن منهنجو وات زيان ڪيو آهي ۽ ڪيترو نقصان ڪيو آهي انهيءَ کان وٺان تون پنهنجي گهر کان پري ڏي يا ماٺ ڪري ويهہ اڳي ڪي پوءِ انهيءَ کي ڏيٺو آهي ماڻهن جي چوري ڪندس تہ بدنام ٿيندس پنهنجي مالڪ جي ڪندس تہ هو رحيم بہ آهي ڪريم بہ آهي ۽ حليم بہ آهي پوءِ آڄان ڇا کي جڏهن ڏٺي مهربان سخي ۽ بردبار ۽ ڏٺي نہ پڇاڙي ائين

ڇٽي ڪٺي آيو ۽ اچي ماءُ کي چيائين ته امان ارمان نه ڪر هي وٺ امانت.

نقل (١٥)

ڳالهه آهي ته هڪ ڏڪي ڪنهن شخص وتائي فقير کي خدا ڪارڻ آٽي ڏنائين سو انهيءَ لاءِ ڏهاڙي پاڻ وٽ گاهه ڪري ايندو هو ۽ ڏڪيءَ کي ڏيندو هو مگر هڪ ڳڌه رات جو سندس سمورو گاهه کائي ويندو هو سو ڏڪيءَ به ڪير ڏيڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو ڇو ته ڳڌه جي اوبر واري گاهه مان واءُ وٺي ويس وتايو فقير لاچار ٿي ڏٽي کي پڪارڻ لڳو ته اي رب منهنجا هن ڳڌه منهن جي ڏڪي کي ته بک ۾ ماريو پر ڪير کان به سڪايو تنهنڪري انهيءَ ڳڌه کي مار صبوح جو سوير وٽي ڏٺائين ته سندس ڏڪي تنگون ٽيڙي پئي آهي دل کي ايها پڪو ڏڪيءَ جي مرڻ جو يقين نه آيس سو اتان هڪ اکين کان نابين اچي لنگهيو انهيءَ کي چيائين ته هي ڏڪي ته ڏس مري ويئي آهي يا جيئري آهي انڌي ڏڪي کي نڪ مٿان هٿ ٻجهلي ۽ پيٽ کي هلائڻ لاءِ چيائين ته ڏڪي مري ويئي آهي سو مٿي اکيون ڪٽي نهاري چيائين ته واهه جو ڪم ڪيو نهائين.

مون چيو اڪري ـ تون ڪٽي فڪري
بدران ڏڪيءَ ساهه ويو نڪري

نقل (١٦)

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڳوٺ جي ٻاهران وتايو فقير جهنگ ۾ ڏڪيءَ جي ڳٽي ۾ ويٺو هو ته ڪيس ٿورڙي ننڊ اچي

ويٺي پر ۾ ڪو شخص اچي پائخانو ڪرڻ ويٺو سو ڪائونس هيٺان آواز نڪري ويو انهيءَ آواز تي فقير وتايو سجاڳ ٿيو ۽ چيائين ته اکيون ته وڏيون اٿي انڌن کان به اهڙي طرح نه ٿٺي جو ڏيٺيءَ ڏٺو آهي رات ته ڪونه آهي هو غريب شرم ۾ ٻڏي ويو ۽ ڪو جواب نه ڏنائين.

نقل (١٧)

عام طرح مشهور آهي ته هڪ مسجد شريف ۾ جمعي تي ڪنهن واعظيءَ واعظ ٿي ڪيو ته هر هڪ انسان جا گناهه يا ثواب حساب ڪتاب اندر ايندا مثال ڪنهن شخص خدا جي واٽ ۾ هڪ روپيو ڏنو ته انهيءَ کي ڏهه دنيا اندر ۽ ستر آخرت ۾ ملندا يا رات جو عبادت ڪيائين ڏينهن جو ننڊ سمهي رهيو ته اها ننڊ به عبادت جي شمار ۾ ايندي اهڙي طرح نماز پڙهڻ جي خيال سان نمازي پيشاب ڪري ۽ پٿر جو وٽ پڇايو ته اوهي سندس وٽ به ترندا وتايو فقير واعظيءَ کان پڇيو ته جيترا به وٽ هجن يا جيڏا به وٽ هجن واعظ ڪنڌڙ چيو ته هائو سو ڳوٺ جي ويجهو هڪ وڏو جبل هو جنهن پرسان فقير وتايو پيشاب ڪري جبل سان بيهي وٽ پڇائڻ لڳو ماڻهن پڇيس ته فقير وتايا ڇا ٿو ڪرين چيائين ته وٽ ٿو پڇايان هاڻي ملائڪ پل پيا تور ڪن ۽ وٽ وتائي جا به ياد رکن.

ڀڄ بخت تن جا — جن ماري من مٺي ڪيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نقل (۱۸)

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڏينهن هڪ شخص وتائي فقير وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين ته رات اسان جي شادي آهي جو منهنجو خيال آهي ته اوهان به هلي دعوت ۾ شريڪ ٿيو. فرمايو ۽ شيربتي به هتي سان ورهايو آخر فقير وتائي واري دعوت کائڻ کان پوءِ انهيءَ دعوت ڏيندڙ هڪ وڏي پتاشن جي هڙ آڻي فقير کي ورهائڻ لاءِ ڏني وتائي فقير چيس ته ڏاڍي آدم واري ورهاست ڪريان يا ڌڻي پاڪ واري دعوت ڪندڙ چيو ته ڀلي ڌڻيءَ واري ورهاست ڪر سو وتائي فقير ڇا ڪيو جو سموري پتاشن جي هڙ هڪڙي شخص کي ڏئي دعوت واري کي چيائين ته ايها ورهاست اٿئي ڀلي ڌڻي وري ته هڪ کي ڏهه ڏيندو آهي هاڻي ٻيا پتشا آڻي ورهاءِ ويچاري دعوت واري کٽي ماٺ ڪئي.

نقل (۱۹)

ڳالهه ڪندا آهن ته وتايو فقير کان پڇيائون ته جيڪي به ڳالهيون آهن سي سڀ ڌڻي پاڪ جي اختيار ۾ آهن ۽ هي بندو پنهنجو ڪوبه ارادو هلائي يا قدرت جي درياءَ ۾ عقل جي ٻيڙي وهائي نٿو سگهي جواب ۾ چيائين ته بيشڪ سڀ ڪجهه سندس وس ۾ آهي مگر هڪ ڳالهه اسان جي به هٿ آهي ڪڏهن جانور چاڙهي ته به مرضيءَ واري آهي ڪڏهن ماني پچائي ته به انهيءَ جي اختيار ۾ آهي.

نقل (۲۰)

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڏينهن وتايو فقير هڪ باغ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽان اچي لنگهيو ڪيس بک ۾ ڏاڍي هئي سو باغائيءَ کي چيائين
تہ پتو وات خدا جي ڏينھن باغائيءَ هڪ هنداڻو جو بلڪل
ننڍڙو هو سو ڪٽي ڏنائينس فقير هنداڻو ورتو تہ صفا ڪچو
نڪتو سو ڪو نہ ڪاڌائين سندس ڪيسي ۾ هڪ ٽڪو پيل هو
سو ڪاوڙ مان اڇلائي اڇلائي چيائينس تہ ٽڪي جو هنداڻو ڏي
باغائيءَ هڪ چڱو هنداڻو ڳولهي وٽائي فقير کي ڏنو هنداڻو
کپ سان وڍي ڏنائين تہ ڳاڙهو هو تڏهن آسمان ڏي نهاري
چيائين تہ جيڪو تنهنجي نالي مليو سو ڪچو ۽ ڪنو ٽڪي ۾
باغائيءَ ڳاڙهو ڳولهي ڏنو.

نقل (٢١)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ايراني فقير وٽائي فقير وٽ اچي
ٽڪيو ايراني فقير سان گهوڙي ساڻ هئي مگر ويچاري ڏاڍي
اجايل هئي وٽائي فقير جي پرسان هڪ چريو اچي لنگهيو ۽
ڪيس چيائين تہ اڙي هن گهوڙيءَ کي پاڻي پياري اچ ۽ اندر
پاڻي سان صاف بہ ڪريس هو لاچار گهوڙي ڪاهي آيو ۽ وات
سان سوچڻ لڳو هي صفا ڪرڻ وقت متان چڪ وجهي يا لتون
هڻي سو تلاءُ تي پهچڻ شرط زنجير هٿن مان ڪٽي ڦٽو ڪيائين
۽ گهوڙي جيئن پاڻي ڏنو تيئن اندر تمام وڏي پاڻي ۾ زنجير
گهلائيندي هلي ويئي اتفاقي زنجير گهوڙيءَ جي ڄنگهن ۾
وڪوڙجي تمام زور قابو تي ويو ۽ گهوڙي ٻڏڻ لڳي ايهو حال
ڏسي اهو سادو سهڪندو موٽي آيو ايراني فقير گهوڙي نہ ڏسي
ڪاوڙ ۾ چيو تہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برائے ماده اسپ چميگوئي

يعني گهوڙي لاءِ چا ٿو چوين تون مطلب ته ڪاڏي وئي جو هتن خالي موٽي آيو آهين هن غريب چيو ته اٿين ۾ سي ڦره جيئن يت ۾ ڏوئي ايهو جواب خراب ٻڌي ايراني فقير وتائي فقير ڪي وڏي آواز وني واڪا ڪرڻ لڳو آخر ايهي رڙيون ٻڌي وتايو فقير گهر ڪان ٻاهر آيو ۽ چيائين گهوڙي ڪيڏانهن ڇڏي آئين خوف ڪان جواب ۾ چيائين ته زور سان منهنجي هٿن مان زنجير نڪري ويو ۽ پاڻيءَ وڏي ۾ ٻڌي رهي آهي. مون ايهو حال ڏسي اوهاڻ ڏانهن آيو آهيان وتايو فقير ايراني فقير تڪا آيا ڏسن ته برابر گهوڙيءَ جو ساهه نڪري ويو آهي ۽ لڙهندي پئي وڃي گهوڙي جو مالڪ ڏاڍو رنو لاچاري ماٺ ڪري پيادو هليو ويو.

نقل (٢٢)

هڪڙي ڏينهن مسجد ۾ هڪ واعظ ڪندڙ واعظ تي ڪيو ته پردو رکڻ تمام ضروري آهي جنهن گهر ۾ پردو نه آهي تنهن گهر ۾ خير نه هوندو انهيءَ تقرير ۾ مرد زالون موجود هئا وتائي فقير ايهو ٻڌي چيو ته ايها سڀ لڄائي مردن جي آهي. جيڪي ڏاڙهي رکائي. دلا ديدان لڙائين تا.

ڏاڙهي پٽائي پتهنجي ـ خلل خون ڪرائين تا

نقل (٢٣)

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڏينهن هڪ ننڍو ڇوڪرو وتائي فقير جي دروازي پرسان پائخانو ڪري رهيو هو ته وتايو

فقير به پنهنجي گهر ڏانهن غصي ۾ اچي رهيو هو اوچتو چوڪر
مٿان نظر پيس سو ڪيس تمام وڏي آواز سان رڙ ڪري چيائين
ته چورا ڇا پيو ڪرين مگر هن ڪو به جواب نه ڏنو وري
چيائين ته چورا ڪنهن جو آهين چوڪر خوف کان اپ ڏانهن
اشارو ڪري چيو ته منهنجو سنواء ڏٺي جي پيو ڪو ٻه ته آهي
سو وتائي فقير سندس پانهن کان وٺي آٿي مسجد اڳيان چڙي
چيو جيڪو تنهنجو ڏٺي سياليندڙ آهي تنهنجو گهر ايهو آهي
پراوا گهر نه وڃاءِ پل اندر وڃي ويهه.

نقل (٢٤)

هڪ ڏينهن وتائي فقير کان ڪن ماڻهن مجلس اندر پڇا
ڪئي ته ڪا اهڙي پاڪ شي آهي جو سندس کائڻ مان دل کي
نفرت اچي چيائين ته اتو پاڻيءَ سان ڳوهي پوءِ انهيءَ مان
سوئر جي شڪل ناهجي ته مسلمان اهو اتو نه کائيندا
جيڪڏهن ڳئوءَ جي شڪل ٺاهي پاه تي پچائي ڪنهن هندو
اڳيان آٽي ڪيس کائڻ لاءِ چئبو ته هرگز نه کائيندو ۽ کائڻ
حرام پائيندو ۽ هندو ۽ مسلمان جو جهيڙو پهريون پيٽ جي
پوجا ٿي آهي.

نقل (٢٥)

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ڪنهن
شادي جي موقعي ۾ شريڪ ٿيڻو هو سو ڇاڪاڻ ته جو تمام
سوير آيو ۽ اچڻ سان هڪ ماڻهون کاڏي وٽ بيٺل ڏٺائين
ڪيس سڏي چيائين ته پهريان درويشن فقيرن کي کارايو پوءِ

برادري وارن کي سو انهيءَ شخص چيس تہ پهريان برادري وارا
کائيندا پوءِ جيڪو طعام بچندو سو فقيرن کي ڏبو فقير وتائي
کي تمام سخت ڪاوڙ لڳي سو اچڻ سان هڪ پاڙي واري کان
ڪپڙا ۽ هڪ گهوڙي گهرايائين ۽ تمام تنگ ڪيائين ويچاري
لاچار ڪيس گهوڙي ۽ ڪپڙا آڻي ڏنا وتايو فقير خوشيءَ مان
ڪپڙا پائي گهوڙي تي چڙهيو ۽ تمام وڏي عزت سان اتي آيو
پوءِ انهيءَ ساڳي ماڻهوءَ ڪيس ڏسي تمام گهڻي عزت ڏني ۽
دعوت کارائڻ لاءِ ويهاريو.

نقل (٢٦)

عام طور مشهور آهي تہ هڪ ڏينهن هڪ شاهوڪار ۽
زميندار کي سندس نوڪر وتائي فقير بہ نسبت ڪيتريون تمام
عجيب ڳالهيون ٻڌايون تہ فقير وتايو خدا وارو ۽ پهتل شخص
آهي مهينو بہ زڪوات جو آهي تنهنڪري پهريان اهڙي ڀلاري
کي خير ڏيڻ سڀ کان وڌيڪ آهي زميندار ايها ڳالهہ ٻڌي
گهوڙي تي چڙهي سڌو وتائي فقير وٽ آيو ۽ هڙ ٻڌل رپيا
ڪيس خيرات زڪوات ڏنائين وتايو فقير ڪنيون آيو مگر وات
تي خيال آيس تہ امان جا ڪپڙا وٺان يا ڏکو خريد ڪريان
انهيءَ غور ۽ خيال ۾ ڏٺي کي ياد ڪرڻ ڀلجي ويو ۽ هڪ وڻ
هيٺان ننڊ اچي ويس رستي مان لنگهندڙ ڪنهن شخص جي نظر
انهيءَ پئسن واري ڳنڍڙي تي پئي سو آهستي هٿ مان ڪڍي
ڪٽي هليو ويو وتايو فقير جنهن وقت جاڳيو ڏسي تہ هڙ آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو نہ پوءِ تہ وٽي ڏاتھون کوکون ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ رڳو يا خدا ٿوري عرصي لاءِ توکي مونکي خوش ڪرڻو هو ۽ مونکان ڪسي وري پٺي کي ڏيٺو هو حقيقت ۾ اهڙا لفنگ چور بدمعاش تنهنجي زور تي آهن جو تہ انهن جي بہ دعا قبول ٿو ڪرين تڏهن اڪين وارو بہ غريب اندو ٿي وڃي ٿو. ڦورن کان ڦرجي وڃي ٿو. ڏاڍو آهين ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٿا آهن.

نقل (٢٧)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ڳوٺ ۾ شادي هئي ۽ شاديءَ وارن فقير وتائي کي بہ دعوت ڏني هئي آخر فقير ويو جڏهن دعوت جو ڪاڌو سندس اڳيان آڻي رکيائون تہ فقير ڪائي کو نہ ماٺهن چيس تہ فقير صاحب هيءُ ڪاڌو شايد اوهانجي طبيعت کي پسند نہ آهي تہ جيڪو حڪم هجي تہ ٻيو ٺهرايون فقير کو بہ جواب نہ ڏنو ۽ روئڻ لڳو سندس ايهو حال ڏسي سڀ حيران ٿيڻ لڳا ۽ سبب پڇڻ لڳا فقير چيو تہ ابا شاديءَ وارن کي خوشي ڪرڻي آهي باقي مون تہ اجائي آيو آهيان اوهان کي خوشي ڪندو ڏسي مون کي پنهنجي شادي ياد آئي آهي تڏهن تو روئان سياڻا سچ چئي ويا آهن تہ زر بسيار عشق نہ پهہ مونکي بہ ناڻو هجي ها تہ شادي ٿي وڃي ها. پر سچائي ۾ عشق جيءَ جو جنجل پوءِ سيئي گڏجي فقير کي خاطري ڏيڻ لڳا تہ لکيو لوما ڪوٽ پيچي جيڪڏهن اوهان کي بہ شادي لکيل آهي تہ ضرور قدرت سبب پيدا ڪندي ڏٺيءَ تي رکوءِ دعوت جو طعام کائو تڏهن فقير اهو کانو کاڌو.

نقل (٢٨)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ڏينهن وتائي فقير پنهنجي ماءُ کي چيو تہ رات ١٥ تاريخ شعبان جي ڏٺي سڳورو سڄي سال جو روزينو وراست ڪرڻ فرمائيندو آهي سو منهنجو خيال آهي تہ اهڙي ڀلاري رات مسجد ۾ نماز پڙهڻ شام واري وقت وڃان آخر بانگ کان تورو اڳ آيو ۽ مسجد ۾ ڀيل ڪيترا ٿانو حلوي ۽ ماني سان ڀريا رکيل ڏٺائين ۽ مسجد جو ملو سڀئي حلوا ۽ ڪيهہ ڀڪل مانيون ڪٺندو مسجد ۾ اندر رکندو ٿي ويو وتائي فقير دل ۾ خيال ڪيو تہ شايد اندر بہ جماعت آهي جن کي ڏيندو مگر جڏهن ڀڪ سان ڏٺائين تہ جيترا ٿانو اندر ملو ڪٺي ويو تہ جلد ۾ ٻاهر خالي ڪري آڻي رکيائين سو ڇاتائين تہ ايهي سڀ ٿانو جيترا اندر ڪٺي ويو سي پنهنجي گهر لاءِ رکيائين باقي ڪُر جا حلوا ۽ ٿلها ڍڪڙ ماني حاضر جماعت جي اڳيان رکيائين وتايو فقير ڪائڻ لاءِ نہ ويٺو ڀري کان رڳو ايهو چرچو ڏسڻ لڳو هڪ مسجد ڀيو ڀلاري ۽ تعظيم واري رات جڏهن جماعت ڪاڏو کائي نماز مغرب پڙهي دعا گهريائون ۽ گهر وڃڻ لڳا تڏهن ملان وتائي فقير کي چوڻ لڳو تہ فقير ڪيترا سارا حلوي جا ٿانو آيا مگر تو ڪجهہ نہ کاڌو ڇا سبب آهي مونکي ٻڌاءِ فقير چيس تنبگر تنهنجي هٿ ۾ سو بہ خدا جي گهر مان کهڙي نہ سهٽي تقسيم ڪٽي اٽئي جيترا ماٺهو تيتريون مانيون انصاف آهي ۽ عجب تو اچي تو جهڙا غريب بہ موجود هجن جو عيد رات بہ پنهجي گهر ۾ ماني نہ لهن ۽ خدا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گھر ۾ ويھي چوري ڪن ملڪيت مسڪين جي آسودا ڪٿن تون غريب نه آهين ايهو مسافرن جو پهريان حق آهي ٻيو نمبر جماعت ٽيون نمبر تون جيڪا بچت ٿئي تنهن مان به ايترو اندازو توکي ڪٿو آهي جيترا گھر جا ياتي هجن باقي ايها وراست جو ٢ حصا تون ڪٿي ٽيون خصو سي جماعت ايها عادت بلڪل خراب آهي ملي جڏهن ايهي حق جا سچا الفاظ ٻڌا تڏهن رکيل طعام مان فقير کي چيائين ته جيڪو اوهان کي وٺي سو ڪٿو مگر مونکي بدنام نه ڪيو آءُ اڄ انجام تو ڪريان ته آئينده اهڙي طرح نه ڪندس باقي بچت هوندي ته پوءِ ڪٿندس.

نقل (٢٩)

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڏينهن مجلس ۾ تمام گھڻا ماڻهو موجود هوا ۽ وتائي فقير کي چوڻ لڳا ته پنهنجي لاءِ ايها دعا گھر ته اي ڏاتي مونکي تونگر ڪر جواب ۾ چيائين ته نر منجهان ٿيان مادي. اهڙي ڪريان چو ٻيلا پاڻ سان ناحق تادي. دنيا جا طالب عورت مثال آهن ۽ عقلي ٻهني آخرت جا طالب ڪدڙي وانگر آهن باقي مولا جا طالب بيشڪ مرد يعني نر آهن تنهنڪري ايها غريبي ڀلي آهي رکو ديدار الاهي نصيب ٿئي باقي بهشت ۽ حورن جي ڪابه طلب يا ضرورت نه آهي. اسانکي الف آ ڪافي ب بس آهي ڏيو معافي.

نقل (٣٠)

ڳالهه ڪندا آهن ته وتائي فقير جي ماءُ تمام سخت بيمار

ني پڻي سو پاڙي وارن وتائي فقير کي چيو تہ ڪنهن حڪيم
سياڻي کان علاج ڪراءِ جواب ۾ چيائين تہ جيڪڏهن حياتي
آهي تہ مماتيءَ ڪي جواب آهي جيڪڏهن ڏينهن سندس پورا
ٿيا آهن تہ پوءِ حيلا حوالا سڀ بيڪار آهن توهان جي دل
چوي ٿي تہ پل ڪٽي ڏيکاري اچوس باقي منهنجي دل هن ڏڦعي
دو ڪرائڻ کان بيزار آهي سندس مائٽ زور سان علاج لاءِ ڪٽي
ويا مگر ڪو بہ فائدو نہ ٿيو آخر وتائي فقير جي ماءُ فوت ٿي
وئي کيس قبر ۾ دفن ڪري آيا ڳوٺ جا سڀ ماڻهو فقير کي
عذر خواهي چوڻ آيا ۽ چيائونس تہ ڪانڌيو بہ ڪرڻو پوندو
ڪانڌي قبرستان کان جيئن موٽي اچن تہ اچي اهو ڪاڌو کائڻ
فقير جواب ۾ چيو تہ جنهن گهر ۾ ماڻهو فوت ٿيندو آهي تہ
ٽي ڏينهن انهيءَ گهر جو پاڻي يا ڪاڌو کائڻ مڪروهہ آهي اهي
ڪانڌيا يا جمعاٽا هترادو بنايل آهن هڪ امڙ جو غم پيو وري
منهنجو بہ آندو آهي توهان چپن تائين دم اهي توهان پاڙي وارن
کي ڪرڻا آهن نيٺ اوهان جا بہ مرڻا آهن اوهان پوءِ سڀ چٽل
آهيو. يا جواب ڏيو جي ڪنل آهيو ويچارن پاڙي وارن پاڻ
سمورا خدارا خرچ پورا ڪيا.

نقل (٣١)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ڏينهن وتائي فقير جي پاڙي ۾
هڪ سودو زميندار ماڻهو فوت ٿي ويو هو سو جڏهن ملان
کيس غسل ڏني قرآن شريف اسقاط بخشڻ لڳو تڏهن وتائي
فقير چيس تہ هاڻي توکي ڪا ميٺهن يا ڳٿون ڏين تہ پوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيرو سڏو ٻهشت ۾ هليو ويندو ڀلا اهو طريقو جائز هجي ها تہ عربستان ۾ عرب ضرور ڪن ها تہ عربستان ۾ نہ ترڪستان ۾ باقي اسانجي ملڪ تي مولا ماڙ ڪٺي جو ملان کي رشوت ڏئي جنت جا حقدار ٿي سگهن ٿا جنهن قرآن جي حڪمن جي پيروي نہ ڪئي انهيءَ ڪي اسقاط ڇا ڪندو اهي اٽڪلون ڪڍهن ڪو نہ هلنديون اڳيان پادر پسايا رکيا آهن. اجايون ٽيڪونءَ واريون ٽيڪان آهن.

نقل (٣٢)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ روزن جي مهيني ۾ وتائي فقير آخري جمعي جو روزو رکيو سو صبوح جو ڪپڙا ڌوئاري جمعي جي نماز تي آيو اهڙي طرح شام جو روزي کولڻ لاءِ بہ مسجد ۾ اچي ويٺو بانگ تي جماعت روزو کولڻ لڳي ملا فقير اڳيان دال جو ٻوڙ ۽ جوئر جي ماني آڻي رکي باقي گوشت جو ٻوڙ آسودن جي اڳيان رکيائين ٻن شخصن جو پاڻ ۾ سخت ڪائڻ تي جهيڙو ٿي پيو هڪ چيو تہ گهر ڪان پتانن جو ٻوڙ ڪٽي آيو آهين ۽ سو اهو توکي نتو وڻي ڇا جو ٻين جا ڪاڏا ٿو ڪائين مسجد ۾ روزو کولڻ رکو چڱي طعام ۽ گوشت جي ٻوڙ لاءِ ايندو آهين تڏهن انهيءَ جواب ۾ چيس تہ تنهنجو نفس گهري ٿو باقي منهنجو نفس نہ گهرندو آخر تمام گهٽ وڌ هڪ ٻئي کي ڳالهائي جڏهن بس ڪيائون تڏهن وتائي فقير ملا کي چيو تہ توکي نهايت وڏي شاباس هجي جو مون کي دال جو ٻوڙ ڏنو اٿيئي جيڪڏهن منهنجي نفس ڪتي کي گوشت جو ٻوڙ چٽائين

ها ۽ مزو وٺائين ها تہ ڏهاڙي پيو اچان ها وڏا جهيڙا ڏسان ها.
اهڙا ماڻهو جيڪي روزانو مسجد ۾ چڱا طعام کائن ٿا انهن
کي رمضان گذري وڃڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيندو ۽ شام جي وقت
گهڻو ياد ايندو افسوس ڪندا ۽ اهڙي طرح پيا چوندا. شال
ڪاڏا اهڙا پيا ٿا تڪيون. ڏاڪون ايندا هوا جي ڏڪيون هاڻي
هريڙن جون تڪيون. اي ماهہ رمضان الوداع.

نقل (٣٣)

وتائي فقير کان پڇيائون تہ ملن ۽ فقيرن جو پاڻ ۾ سخت
جهيڙو آهي سو ڇا ڪاڻ تہ انهن مان کهڙو حق تي آهي چيائين
سچو فقير سچو ملا ڪڏهن بہ پاڻ ۾ نہ وڙهندا ملا کي ڄاڻ
هوندو. فقير کي سڃاڻ هوندو باقي جيڪي وڙهن ٿا. ۽ جهيڙا
فساد ڪن ٿا اوهي رستي کان ٻليل آهن. انهن لاءِ دروازا ڪليل
آهن ڪي ڏسي وائسي مت پين ٿا تہ ڪي ڊونڊ حرام کائيندا
رهن ٿا جن جا ايهي خيال آهن اوهي انڌي جي مثال آهن.

نقل (٣٤)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ڏينهن مجلس ۾ ڪنهن شخص
وتائي فقير کي چيو تہ فقير ڪپڙا تہ اڳين زماني جا ۽ وڏن جي
هٿ جا پاتا اٿئي فقير جواب ۾ چيس تہ ڏاڏي مرڻ مهل چيو
هو تہ جيڪي بہ ڪپڙا آهن سي هڪ صندوق ۾ وجهي منهنجي
پرسان دفن ڪجو ڪيترا سال پوريل هوا بابي مونکي اوها
ڳالهہ بہ ٻڌائي هئي ۽ جاءِ بہ ڏيکاري هئي مگر خيال دل تان
لهي ويو هو ۽ ياد نہ هوا تنهنجي پيءُ جي مرڻ واري ڏينهن ياد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيا سو قبر کٽندڙن کي چيم ته هت ڪٿون تورو ڪوٺڻ کان پوء
وها صندوق لاڏي ۽ تنهنجي پيءُ جي صدقي ڪپڙا لاڏا ۽ ياد آيا
ڳالهه ڪرڻ واري ڪٺي چپ ڪئي ۽ نهايت غلطي ڪيل مٿان
ارمان ڪيائين.

نقل (۳۵)

ڳالهه ڪندا آهن ته وتائي فقير کان هڪ ڏينهن هڪ
هندو سوال ڪيو ته ڀائي وتومل تون ڪهڙي ڏک کان هندو
ڌرم ڇڏيو ۽ مسلمان ٿيو آهين وتائي فقير جواب ۾ چيو ته
مون ڀائي انهيءَ ڏٺيءَ جي بندگي ڪندو آهيان جيڪو بي مثال
آهي نه ٻئي وانگر ٺهيل آهي نه ڪنهن جو ٺاهيل آهي جو پاڪ
آهي نه ڪنهن کي ڇٽيو اٿس نه ڪنهن جو چاول آهي باقي
توهان جا گهڻا خدا آهن اسان مسلمانن جو هڪ خدا آهي ايهو
ٻڌي انهيءَ هندو چيو ته تون چريو آهين تڏهن مسلمان ٿيو
آهين سياڻو هجين ها ته ايهو ڪم هرگز نه ڪرين ها وتايو
فقير چوڻ لڳو ته چريا ڪريا آهيون ته به ڏٺي جا آهيون سو
پيل جي پن تي ٻينسري پر ميشور وانگر نه وڃائيندس نه
لامن ۾ لڙڪندس اسان وڻ جي ٿڙ کي پڪڙيو آهي توهان ڏارن
کي ايهو ٻڌي انهيءَ هندو ڪٺي مات ڪئي.

نقل (۳٦)

ڳالهه ڪند آهن ته هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ڪنهن
شخص چيو ته فقير سياڻي محرم جي ڏهين تاريخ آهي ۽ امامن
جي ماتم جو ڏينهن آهي جواب ۾ چيائين ته ماتم يا افسوس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلِ ۾ ڪجهي باقي ظاهري خلق جي ڏيکارڻ لاءِ نه آهي امامنِ جي حبداري ۾ محبت سچيءَ سان ڳجها ڳوڙها هارجن خلق کي ڏيکارجن باقي ڍولوا ڪيرٽيون ڪائڻ لڏون يا جليبيون آٽي پاڻ کي زور سان حبدار بتائڻ اُيها رڳو حماقت ۽ نالائقي آهي ناهي ۾ عاشورا باقي عيد ڪان به وڌيڪ شيون خلق ڪائي ٿي ۽ ڪپڙا نوان پائي ٿي ڏٺي ظاهر جي ڏيک ويک ڪان وڌيڪ پسند ڳجهي روئڻ ۽ روزي رکڻ ۽ نفل پڙهي شهيدن جي ارواح کي بخشيندڙ لاءِ ثواب وڌيڪ ڏيڻ جو حڪم فرمايو آهي. پيو سڀ نمونو اجايو آهي.

نقل (٣٧)

وتائي فقير جي ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڏينهن وتائي فقير کي گهڻن ماڻهن اچي سخت تاڪيد ڪيو ۽ چوڻ لڳا ته فقير وتايا تون اجا جوان آهين تنهنکري ڀي شادي ڪر چيائين ته رڳو زبان سان چئو ٿا يا دل سان مونکي اهڙو سچو همدرد نظر ڪو نه ٿو اچي مڪ سٽيءَ شيءِ تي وهندي آهي جهڙي طرح وڏا پهاڪو ڏيندا آهن ته شاهوڪار جا سالا به گهڻا پر غريب جو پيٽوو به ڪو نه ٿئي جيڪڏهن اوهان مان ڪوئي مونکي سڱ ڏئي ۽ منهنجي خوراڪ پوشاڪ جو واعدو ڪري ته مان تيار آهيان ايهو ٻڌي سڀ ماٺ ڪري ويٺا.

نقل (٣٨)

ڳالهه ڪندا آهن ته وتائي فقير ڪنهن شخص کي چيو ته گهوڙي کي گهوڙو ڏيارڻو آهي سو گهوڙو ڪاهي اچ اهو

شخص گهوڙو ڪاهي آيو گهوڙي سائي ڪيائين گهوڙي جي آڻيندڙ وتائي فقير کي چيو ته گهوڙي ڏک ڏيٺو پوندو ۽ مالڪ هڪ رپيو طلب ڪري رهيو آهي سو اوهان کي ضرور ڏيڻو پوندو وتائي فقير چيس ته اڳ ڪيترا دفعا مون گهوڙيءَ کي گهوڙو ڏياريو آهي ته ڪنهن کي ڏک نه ڏياريو آهي باقي تون جو ٿون قاعدو ٿو ڪڍين ته پل پنهنجي گهران پري ڏي اسان ريبو ته ڇڏ پر تڪو ڪارو به نه ڏيندسي آخر غريب پنهنجي گهر کان گهوڙي جي مالڪ کي هڪ رپيو پري ڏنو ۽ وتايو فقير گهوڙيءَ جو لغام زور سان ڪسي روانو ٿي ويو.

نقل (۳۹)

ڳالهه ڪندا آهن ته وتايو فقير هڪ ڳوٺ مان ٻي ڳوٺ ڏانهن پيادو ٿي ويو ته رستي ۾ ماڻهن جو ميڙ نظر آيس دل ۾ خيال ڪيائين ته هي تمام گهڻا ماڻهو ڇا لاءِ گڏ ٿيا آهن اندر وڃي ڏسي ته هڪ ڳائڻ واري عورت آهي جا سڀ کي ناچ گاني ۽ اکين جي اشارن سان موهي رهي آهي سو جڏهن فقير جي پرسان آئي کيس ڏسي چوڻ لڳو ته اسانجو کيسو خالي آهي توکي ڇا ڏيون باقي اهڙا ماڻهون ڳولهه جن تي تنهنجو جادو هلي ۽ اثر به ڪري چڪر ۾ سڀ جو منهن ڇتائي ڏس گهڻائي دل جا قتيل ۽ سوز سڙيل نظر ايندءِ مطلب ته وارو نه وڃاءِ. جيڪي ڳائين ته ڳاءِ انهن وڇڙيلن جي دل کي ڏي دلجاءِ پوءِ تنهنجو کيسو خوشيءَ سان گرم ڪندا. ڳائڻ واري کي ايها صلاح پسند آئي ۽ دل وٺندڙ اهڙو راڳ ڇيائين جو ريٺي تي

ريپيو پيو ڪري خوب ڪڙڪو ٺنيو ۽ وٽ پي چوي سڀ پيو هرڪو تہ واه راڳ ڏاڍو مزيدار آهي.

نقل (۴۰)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ عورت جو گهر فقير وتائي جي گهر سان لڳ هو فقير وٽ جيڪي ماڻهون ايندا هوا تہ کائڻ لاءِ طعام يا پيون شيون سڀ ڏيندا هوا ۽ فقير وتايو اوهي ٺيڙن پارن کي سڏ ڪري ڏيندو هو يا وهاري گهٽي قدر تہ ڪارائي چڏيندو هو اها عورت ڏسي سڙندي هئي مگر ڳالهہ ڪيندي هئي هڪ ڏينهن تمام عمدو طعام پيا ڪجهہ مناڻ جا قسم آيا عورت بہ جهيڙي جا ڪيا سخت سعيا ساڙ جهلي نہ سگهي ۽ وتائي فقير کي چوڻ لڳي تہ خوشامد بہ انهن سان ڪرين جيڪي تنهنجا پورا واقف بہ نہ آهن باقي پاڙي وارن کان توکي نفرت ايندي آهي بداء تہ پيلا چوندا آهن تہ پاڙو پيغمبرن کي پيارو تون پاڙي وارن سان ڪهڙي هلت ڏنگي تو هلين ۽ مون کي ڏسي ويتر جوش اندر تنو جلين مائي ڏاڍو وات ڪيو مگر وتائي صبر اختيار ڪيو جڏهن اها عورت متو هٽي تڪي تڏهن فقير متهن متي ڪٽي چيو تہ اي مولا پاڪ هن ڪندي عورت ۽ انهيءَ پلا کان جنهن کي بہ منهن آهن تنهن کان بچاءِ سچو ڏينهن متو ڪاٽي وٺي بس بہ نتي ڪري ڇائيءَ پٺي توڙي مون نتو ڪيان تڏهن بہ مڙي مور ڪونہ فقير جي پٺن ڪڙڻ تي پين عورتن گهٽو سمجهايو تڏهن مجبور تي ماٺ ڪيائين فقير جي جند ڇڏيائين.

نقل (۴۱)

ڳالهہ ڪندا آهن تہ وتائي فقير کي هڪ وڏيري ڪمدار موڪلي گهرايو فقيرُ جڏهن پهتو تہ ڇا ڏسي هزارين ماڻهون اچي ڪٺا ٿيا آهن ۽ وڏيرو صاحب هڪ ڪرسي تي ويٺو آهي فقير پهچڻ سان السلام عليڪم چيو وڏير وعليڪم السلام ڪيو پاڻ ۾ مليا فقير صاحب کي ڪرسيءَ تي وهاري ڇوڻ لڳو تہ تماشا سڀ ڏٺي سڳوري پنهنجي بندن لاءِ خلقيا آهن جيئن تہ ڪتي جي ويڙہ رڇ جي ويڙہ ۽ سوئر جي ويڙهہ ٻيا بہ ڪيترا ناٽڪ تماشا آهن سي انهيءَ لاءِ آهن تہ اسان دل کي خوش ڪريون وتائي فقير چيو تہ مروان موت ملوڪان شڪار يا ڪتيءَ کي پيٽ ۾ سور مالڪ جي شڪار لاءِ ٻچ هوندي آهي ساهہ سڀ کي مٺو آهي هو غريب ڳگدام جانور آهي ڪتي کي سڀ ڪان وڏيڪ ڇاڻ سڃاڻ آهي جيڪي ڪتا ويڙهائن ٿا اوهي رات ڏينهن ڪتن جي تعريف يا ڳالهہ ڪندا آهن رڇن وارا تعريف رڇ جي ۽ سوئر ويڙهائيندڙ سوئر جي تمام گهڻو ويڙهائي ۽ گهڻي تعريف ڪري آخر خواب بہ رات ڏينهن اهڙا ڏسندا آهن تان جو انهن جو اٿڻ ۽ ويهڻ ۾ ننڊ ۾ جاڳڻ ۾ ڪتا ۽ رڇ ۽ مرون ٻيا ياد ايندا آهن ۽ پنهنجي مالڪ کان صفا ڀلي ويندا آهن اهڙن تماشن جي ڪمن ۾ رحمان راضي نہ ٿيندو آهي مگر شيطان راضي هوندو آهي حلاليءَ جو مال زڪوات سان حلال ۽ حرامي جو حرام ۾ وڃائڻ سان حرام ٿي پوندو آهي هي جيترا هزار ماڻهو جو تو گڏ ڪيا آهن انهن جو بار قيامت ۾ تنهنجي مٿان پوندو ايترو بوجهو تون ٻڌاءِ تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن ڪٽي مسڪينديں تون تہ پنھنجو بار ڪنيو يا پاڻ چڙايو تہ لڪ ٿيو.

نقل (۴۲)

ڳالھہ ڪندا آھن تہ ھڪ ڏينھن وتائي فقير ڪي ڪنھن شاديءَ جي موقعي تي دعوت مليل ھئي ۽ شاديءَ وارن بہ ڪا رنڊي ڳائڻ واري گھرائي ھئي وتايو فقير بہ ويو ڇا ڏسي تہ ناچ گانا دھل تماشا لڳا پيا آھن ھڪ غريب شخص اک ڪاڻ ڪاڻو ھو وتائي فقير جي ويجھو ويٺو ھو رنڊي شروعات ۾ ڦيريائين ايھو مصرع چڪر ۾ انھيءَ ڪاڻي ڪي ويجھو اچي چيائين. اي ڪانا مين تيري ڪيسي بات ڪھون. غريب ڪاڻي ڪيسي مان ھڪ رپيو ڪڍي ڏنائينس رنڊيءَ دل ۾ خيال ڪيو تہ مٺھنجو گانو رڳو ھن ڪاڻي برابر پوريءَ طرح سمجھيو آھي سو وري ٻي چڪر ۾ بہ انھيءَ جي پرسان اچي چيائين تہ اي ڪانا مين تيري ڪيسي بات ڪھون وري بہ انھيءَ غريب ڪاڻي رپيو ڪڍي ڏنائينس جڏھن ٽيون حڪر ڦري ۽ ڪاڻي ڪي ويجھو آئي تڏھن بہ چوڻ لڳي تہ اي ڪانا مين تيري ڪيسي بات ڪھون تڏھن انھيءَ غريب ڪاڻي شخص رنڊيءَ کي چيو تہ پلا ٻڌاءِ تہ تون جو ھر ھڪ چڪر ۾ منھن جي منھن سامھون اچي چوين ٿي تہ اي ڪانا مين تيري ڪيسي بات ڪھون مون رڳو مڪاڻي پير ڪاڏو آھي يا پيو ڪو گناھ ڪيو ھي انھيءَ پير جي ڪاڻ سڀان مون ڦرين چڪر ۾ توکي رپيو ڪڍي ڏنو تہ جيئن ايھو راز پير ڪاڻ وارو ظاھر نہ ڪري وري تو پيو چڪر ڏنو منھنجي پر ۾ اچي منھنجي منھن

سامهون بيهي ٻڌو چيو ته اي ڪانا مين تيري ڪيسي بات ڪهون ته وري ٻيو رڳيو به ڏنو هاڻي باقي ڪيسي ۾ اٺ آنا ٻچيا آهن سي توکي ڏيان يا ٻچن لاءِ ڪا شيءِ وٺي وڃان وٽائي فقير کي دانهن ڏيڻ لڳو ته فقير صاحب مون باغ ۾ پائخانو ڪرڻ ويو هوس مٿان مڪائي ٻير مان هڪ ٻير هيٺ اچي منهنجي پير ۾ پيو مون اهو ڪاڏو سو من رنڍيءَ ڪو ڪائيندو ڏنو آهي تنهنڪري هيڏانهن اچي ٻه دفعا چيائين ته اي ڪانا مين تيري ڪيسي بات ڪهون سو ٻن چڪرن ۾ ٻه رپيا ڏنم ته شايد هن کي خبر آهي ٻن رپين سان ايها بدناميءَ لهي پوندي مگر ته ٻه جند نه ڇٽي لاچار باقي وڃي ڪيسي ۾ اٺ آنا رهيا سي ٻه هن کي ڏيان ته پنهنجي ٻارڙن لاءِ ته ڪجهه وٺي وڃان ايهو ٻڌي ڳائڻ واري حيران ٿي وٺيءَ چوڻ لڳي ته مون کي تنهنجي ٻير ڪائڻ جي ڪهڙي خبر مون ته ايئن ٿي چوان ته اي ڏاٽي مان تنهنجي ڪهڙي تعريف ڪيان فقير وٽائي ڳائڻ واريءَ کي چيو ته تون هنجي پرسان اچي ايهي الفاظ نه چؤ باقي ٻيا ڪهٽا ماٺهون آهن هيءَ غريب پاڻ ڏانهن ٻيو پائين تنهنڪري ٻه رپيا هرو ڀرو ڏنا اٿس تو اهڙو راڳ جو شوقين ڇاتو آهي جو انهيءَ جي منهن ۾ چتائي ڏسي ايهو مصرع چوين ٿي هن غريب خوشيءَ سان نه ڏنا آهن تنهنڪري ايهي ٻئي رپيا انهي کي موٽائي ڏي آخر وٽائي فقير ڏنل ٻه رپيا انهيءَ غريب ڪاٺي کي ڳائڻ واري کان واپس وٺائي ڏنا.

پورو ٿيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفسير تنوير الايمان سنڌي

تصنيف :

حضرت مولانا محمد عثمان نورنگ زاده رح

تفسير تنوير الايمان مڪمل سنڌي ۾ پهريون تفسير آهي جنهنجو نظير سنڌي زبان ۾ ملڻ مشڪل آهي

جديد ڪتابت مع اضافات جديده ۽ قرآن مجيد جي متن ۾ ڪنهن به قسم جي غلطي نه

اعلیٰ قسم جو پنو ۽ ريگزين جلد

سائيز — ٣٠-٢٠
٨-

توفيق احمد

مولوي محمد عظيم

ڪتب خانه شامي بازار

شڪارپور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها تـوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book